س.ا.س سٽي سکر ڊاٽ ڪام

# ناستلجيا

## ڊجيٽل پبلشر

سنڌي ادبي سنگت شاخ سکرسٽِي

(برقي ڪتاب) پبلشر

Web:www.sascitysukkur.com E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

# س.ا.س سٽي سکر ڊاٽ ڪام

## ڊجيٽل بوڪ پبلشر

## www.sascitysukkur.com

## ايڊيٽر



## عبداللطيف انصاري


ناسٽلجيا
قدير انصاري

# غزل

وجي سڪون، ملي درد، امتحان ملن
صبر ايوب جو ناهي، خدايا ٻيا نہ ملن

پچا ڪرائيندا پهچون تہ شال ايئن نہ ٿئي
پراڻي وڻ جي جڳهہ تي فقط نشان ملن

اوهان جي پيار ڪان اڳ ۾ گهٽا ئي سنگتي ها
اوهان ڪان پوءِ چئون ٿا تہ ڪي نوان نہ ملن

روش عجيب آ حوا جي ڌيءَ جي ان ڏانهن
وجون سڪون گهرڻ پر اڪين ۾ ڪان ملن.

ڳالهه هر دم پئي هري دل ۾
يا عمر ويهي دل گهري دل ۾

گهر ٺاهي جي چوڪري دل ۾
مان ڏيان هن جي نوڪري دل ۾

ڪا گهڙي تنهنجو ٿيو رسامو آ
منهنجي دلڙي پري پئي دل ۾

بس رڳو دونهه ڪجهه اکين ۾ هو
بس رڳو ياد پئي ڪري دل ۾

ڏايا نازڪ، حسين، ڪومل ها
جن هٿن پئي هنئي ڇري دل ۾.

زماني جا ڪندا ۽ پيدل حياتي
لڳاتار بارش، مسلسل حياتي

ڪٿين جي ڪنوڻ مرڪ تي ايئن چانئي
جو ڪجهه ساعتن لئہ تي جهلمل حياتي

سچي عمر ورجائجڻ جو عمل آ
جو هڪ پيرو ٿئي تي مڪمل حياتي

الائي ڪڏهن ڪان ٿيا عاشق منافق
گهرن عشق تاہ ڪن تا منزل حياتي

جي ٻارن جيان ڳهارجي ٿي تو سولي
۽ پئسي پٺيان ٿئي تي مشڪل حياتي.

خالي خالي رهڻ لڳي آهي
بي خيالي رهڻ لڳي آهي

هن ڪان اڪثر شيون پڇي ٽيون پون
لا ابالي رهڻ لڳي آهي

ڇوڪريون ڇوڪرين جيان هن پر
هوءَ نرالي رهڻ لڳي آهي

هوءَ ناهي ته اڄڪلهه اڪثر
اڪ آلي رهڻ لڳي آهي

دل جي هيڏي وڏي ۾ سمندر ۾
خشڪ سالي رهڻ لڳي آهي.

هيڪلائي اداس ڪي گهرجي
بوند هڪڙي پياس ڪي گهرجي

ٿورو ڪاڏو ڪپي حياتيءَ لاءِ
ڪوئي ڏيئو اماس ڪي گهرجي

تنهنجي چاهت جي فرد جرم آهي
ڪنڌ منهنجي ٽياس ڪي گهرجي

مئه ڪي مئه خوار سپ چڏي ويا هن
ٿورو دارون گلاس ڪي گهرجي

اي عشق تنهنجي راهه ۾ پٿر گهڻا مليا
اي يار تنهنجي چاهه ۾ پٿر گهڻا مليا

پوءِ پيي اسان جي درد جو درمان تي لڳي
توڙي انهيءَ پناهه ۾ پٿر گهڻا مليا

مون سمجهيو سڪون جو جنهن کي هيو سبب
يارو انهيءَ نگاهه ۾ پٿر گهڻا مليا

تنهنجي حسن کي سجدو ڪندي رت تيون اکيون
جو تنهنجي بارگاهه ۾ پٿر گهڻا هيا

مان ريشمي لڱن سان ويو هس، حسين وٽ
پر هن جي خانقاهه ۾ پٿر گهڻا مليا

منهنجي غزل تي تنهنجي اکين جو عجب هو داد
پر تنهنجي واهه واهه ۾ پٿر گهڻا هيا.

ڪنهن تي چيئي ته شهر ۾ اڄ رات تائين گهم
باقي ٻه پهر منهنجي اچي ياڪرن ۾ سمهه

چانڊاڻ جهڙا پيرڪٽي پنبٽين سان چم
۽ ان چميءَ جا نيش ڪٽي جهومه ڳاءِ گهم

هڪ رات دل جي درد ڪي من تي پوي شفا
هڪ رات من مڙي پوي دوريءَ سندو زخم

چهرو ڪوئي حواس تي جادو ڪندو رهيو
بيٺس نماز ۾ ته رڪعتون يلي ويم.

منهنجي ڪمري جي ڪنڊ پاسي ۾، مدتن کان ڏيئا پيا آهن
بس اداسيءَ جو انتظار آهي، طاق اندر رکيا پيا آهن

هوءَ مون کي پرائو سمجهي ٿي، خط پوءِ ڀي لکي رهي آهي
روز منهنجي نئين شڪايت سان خط هن جا پريا پيا آهن

مون کان ٻارن پڇيو هو ڇو بابا! عيد جي ڏينهن ڇو اداس آهين
شيو ڇالاءِ تو نه ڪئي آهي، توکي ميرا لٽا پيا آهن

گهر کي وقت ڏئي رهيو آهيان، واندڪائي لڳي پئي آهي
ڏيءَ منهنجي سمهي پئي آهي، پر سان رانديڪڙا پيا آهن.

جي ڪندينءَ ويساهه گهاتيءَ وانگيان
دل ۾ ڪجهه ٽيندو مماتيءَ وانگيان

توکي ماڻيان تو، جواني آنهن تون
مونکي چوڙين تي حياتيءَ وانگيان

پاڪرن ۾ ساهه تي ٽڪڙا پري
تنهنجي ڇاتي منهنجي ڇاتيءَ وانگيان

ڪيتري آهي مٺي تنهنجي زبان
لفظ ڪيڏا ٿئي رواتيءَ وانگيان

مان ڪڏهن ويندس، ڪڏهن ايندس ٽڪي
تنهنجي گهر ۾ تنهنجي ياتيءَ وانگيان

پت ناهي توتي، تنهنجي پيار تي
زندگيءَ جي بي ثباتيءَ وانگيان

ڇا لڪايان، ڇا لڪل آ، ڪائي پي
ڳالهه ناهي ڳالهه ذاتيءَ وانگيان.

# نظم

# باغ ۾

باغ ۾ ويندي نہ ڪر
باغ ۾ منهنجي مڃي
تنهنجي زلفن کي ڏسي
گل پيلا، دل هٿان مجبور ٿي
موهہ جي ڪا مام سمجهڻ لئہ اچي
زلف تنهنجيءَ تي بسيرو ڪن پيا.

الهندڙ سورج ڳاڙهي ڏي مڃي
پيار سان ڏسندي نہ ڪر
سچ تنهنجي مک تي ويٺل موهيڙو ڏسي
رنگ پنهنجو، سونهن پنهنجي، ساءُ پنهنجو
تو ۾ اوتيندو وڃي ٿو
پل ۾ پنهنجي غرور حسن وارو،
هٿ ڪوهيندو وڃي ٿو.

ياد تو ايندي نہ ڪر
چو تہ تنهنجي ياد ايندي،
سوچ پيو سڀ ڪجهہ وڃائي،
صرف تنهنجي لاءِ ئي سوچي پيئي.

# وياڪل وجود

سنسان اگڻ ۾ چانڊوڪي،
ڊڪ ٽري جو،
مان سوچيان ٿو.

هو ڳاڙها چپ گلابن جا
شبنم وانگيان ڪومل ڪومل
منهنجي چهري تي ايندي ئي
چڻ معني ڪين ملي وئي آ.

هوءَ گوري ٻانهن چنبيليءَ جي،
مڌ ونتيءَ جي، البيليءَ جي
گردن منهنجيءَ جي چوڌاري
چڻ سرهي ٻانهن سهيليءَ جي.

هو پرتان ارهہ پهاڙن جا
جن کي ڌرتيءَ جا عاشق هٿ
ڪڏهين ٻہ ڇهي سگهندا ناهن
تن ارهن وانگيان پاڪ پرين
هي تنهنجو ڪل وجود آهي
پر تنهنجي بنا اڄ ڪلهہ بلڪل
منهنجو وياڪل وجود آهي.

# دريا 1

دريا ڪي ڇا ٿيو آهي؟
دريا جو گهر ھلي ڏسجي

ٻڌئون ٿا دربدر درياءَ جو پاڙو سڄو ٿيو آ
ٻڌئون ٿا دربدر درياءَ جا ياتي سيئي ٿيا ھن.

مھاڻو پوتڙو ويڙھي
ٻچن جي لاش وانگر محترم دريا ڪي گهوري تو
ڏٽو ھڪ ساھ ساڙي تو
ڇپن تي آه آڻي تو
ٻچن جي ڪوت جي ڪارڻ
نئون ڪهڙو ڪسب ٿيندو
اسان ڪان ھاڻ ھي درياءُ ڇا اڄ اوپرو ٿيندو؟؟
وڏن جيان جنھن جي عزت ڪئي
ٻچن جيان جنھن جي خدمت ڪئي
وڏن جيان ڇا ڇڏي ويندو؟
ٻچن وانگر جدا ٿيندو؟

پريان ٻيڙي ڳھيلي پارڙيءَ وانگر ڪڙي آهي
اداس آهي، ملول آهي، لڳي تو وائڙي آهي
سدائين واءُ جي سڏ تي
يڪن ڪي ياءُ جيان لائي ڳلن سان پيئي ھلندي ھئي
اھا اڄ قيد ٿي وئي آهي ڇڻ پنھنجي ڪنارن ۾.

مچيون سهڪن،
امامن جي ٻچن جي پياس کي پهچن
امامن جو شمر ڪهڙو؟
دريائن جي شمر جهڙو
سدائين پاڪ رت کي پيئندڙ ڪاري ڦهر جهڙو.

خدا هي ڇا تماشو آ ؟؟؟!!
سدائين ناز ۾ پلندڙ شين تي ڇو عتاب آهي
درياءَ جو داد ڪونهي ڪو
درياءَ ڇا دادلو آهي؟؟؟؟؟

# Elegy_I

هو تہ ڏچندو رهيو آهي اونداهہ کان
مينهن جي مند ۾
هو تہ گجگوڙيي ناهہ سگهندو سهي
پنهنجي کٽ تان اٿي
منهنجي سيني ۾ هڪدم لڪي ويندو آ
۽ جهڪي ٿئي کنوڻ
منهنجي کٽ تان اٿي
پنهنجي کٽ تي وڃي
پوءِ پيي هر دم سڏيندو آ، ننڍڙو جو آ !!

هاءِ هستيءَ، هجڻ، اڄ روئاري ڇڏيو
منهنجي سامهون پيو آهي بي جان هو
پر لڳي ٿو تہ ڪنهن مونکي ماري ڇڏيو

رات، اوندهہ آ، گجگوڙ طوفان آ
ساهہ پويون بدن ۾ تہ مهمان آ

جنهنجي هر ڳالهہ ۾ سونهن جو واس هو
جنهن جي معصوم لڳندي هئي هر ادا
ڪيئن ڳالهائيندو موت جي ديو سان
جنهنجي سيني ڪڏهن ڪنهن تي ماتم نہ ڪيو
ڪنهنجي ڪنهن سان وچوڙي تي ڪو غم نہ ڪيو
تنهنجي هيبت جي هيٺيان سندس هر ادا

Web:www.sascitysukkur.com E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

ڪوئي ننڍڙو ٿهڪ
ڪوئي جملو چوڻ ويل جي ڪل يي
ويندي چيياٽجي.

۽ جڏهن رات جو
ڪنهن سياهہ رات جو
پنهنجي مدفن جي پاهر جي گجگوڙ کي،
مينهن کي ۽ ڪنوڻ کي ڪنائيندو هو
ڪوبہ هن سان نہ هوندو
تہ هو چا ڪندو!!!

هو جو هلڪي هوا جي هلڻ شرط ئي
منهنجي پاڪر ۾ ويهي هو وٺندو سڪون
چا ڪندو
موت آڏو هو معصوم يار

جنهن ڪڏهن ڪنهنجو دڙڪو سنو ئي نہ هو
جنهن ڪڏهن ڪوئي غم يي ڏٺو ڪونہ هو.

# فراش المبثوث

پيار پڃاڻي آڪاڻي
لوڪو آءٌ ٻڌايان تو

هڪڙي ننڍڙي گڏڙي هئي
۽ هڪڙو هو شهزادو
گڏڙي ڏاڍي سياڻي هئي
۽ شهزادو سادو هو

رات سڪن جي سيج هئي
ڏينهن گلن جو هار هئو

هڪ ڀيري گڏڙيءَ پنهنجو
روپ نئون هو ڏيکاريو
هن جي نيرين اکڙين ۾
اجنبيت جو ويس هئو
پيار ٻه ڇڻ پرديس هئو
۽ شهزادي جو جيون
ڪپهه جي پوٽين وانگيان
تي ويو ريزا ريزا هو

پيار پڃاڻي آڪاڻي
لوڪو آءٌ ٻڌايان تو.

# سرءُ جي پهرين شام....

پاڇن پويان ساهه کنيا ها
شام ڍکي پئي سنڌوءَ ۾
ديوارن جي ڪچي مٽي يانءِ ته جنمن کان پياسي هئي
ايندڙ موسم جي آڌر ۾
سڪل لوهه ڪڙا ۽ سيئي ڪاٺيءَ جا دروازا چپ ها
شايد منهنجي اکين جهڙي
پهرين شام سرءُ جي آئي
آئي شام سرءُ جي آئي.

ڏينهن چتا ۾ ڪجهه ٽاندا ها
سانجهيءَ رک منجهاران پنهنجي اندر جا آڙاهه سجائي
ڌرتيءَ ۽ آڪاش جي من ۾ دکي دکي ڪا باهه لڳائي
پنهنجو پاڇو گم ٿي ويا ها
وڻ جي ٽاري خالي هئي ۽
من جي ٽار به خالي هئي.

ڏينهن جي چوويهن ڏاڪن اندر
هر ڏاڪي ايذاءُ نئون هو
پنهنجي جسم جي هر حصي جي
لهوءَ جي هر قطري جو پنهنجي ساءُ نئون هو.

بوجهل بوجهل شام سرءُ جي ايئن آئي آ
ڌهين محرم شام پڇاڙان ڪا خاموشي
جيئن ڇانئي آ.

# دوستي

ڪيترا مجهول آهيون
جو ڪيون ٿا دوستين تي اعتبار

پنهنجا سک دک ڪين سپ ڏيئي ڇڏيون ٿا
پنهنجا سارا اعتبار
پنهنجي قاتل جهول جا بچيل پيار
ڪين سپ ارپي ڇڏيون ٿا
سوچيون ٿا
دوستي ڪوئي عظيم سنبنڌ آهي
هيءَ بس احمقپٽي جي ڪيفيت آ!!

هو فقط ڪجهه دير جي لئه
رحم جي ايذاءَ ڏيندڙ
ڪجهه ادائون بخش ڪن ٿا

چنڊ وانگي يار آهن
جي پري کان ڪيترا دلڪش لڳن ٿا
پر جڏهن ويساهه جي سندر چڪوري تي اڏامي
پوءِ انهن جا فاصلا وڌندا وڃن ٿا.

چنڊ تي جيئن ڪنهن ٻہ شيءِ جو
ڪو وزن رهندو ئي ناهي
دوستن جي چاهہ جي چانڊوڪين ۾
منهنجي ڪنهن ٻيي ڳالهہ جو
ڪوئي وزن رهندو ئي ناهي.

# Fantasy_I

نيرا خط  -  گلابي لينگها
۾ هڪ سرمئي سانجهه
منهنجو ڪل جيون آهن.

مان پٽ تي بيٺل هڪ ماڻهو
مان پٽ تي بيٺل هڪ شاعر
گم آهيان سرمئي سانجهيءَ ۾
منهنجي نيڻن مان هڪ حسرت
اڏري پهتي آهه جتي هن
نيرا خط  -  گلابي لينگها.

مان لينگهن ۾ گم تي ويو آهيان
تون پينگهي ۾ ويٺي آهين
اڇا پنک  -  گلابي لينگها
منهنجي من ۾ چتجي ويا هن
تنهنجا نيڻ هوا ۾ پينگها
منجيءَ دل تي اڪري ويا هن.

# Fantasy_II

هڪڙو چونڪ
ٻيپهري، عاشق ۽ موڪل جو ڏينهن
ڪنهن علم جي چانو جي هيٺيان.

لڙندڙ سج، ٽپهري، اڪيون
پلويڙي جي پرتان ايري
هڪڙو چهرو،
سارو پاڙو چانو ڪري ويو.

ڳنڍيل چوٽيون، پوتيءَ ريءَ هوءَ
ڊوڙي انبڙين ڏانهن وئي آ
مون پي ساڳي وڻ مان ڊوڙي
هڪ پتو هڪ انبڙي ٽوڙي
هن جي جوڻ جو هڪ لمحو قيد ڪيو آ

اڃو چهرو، منهن شفق جي پاڇن وانگر
اکيون طنبوري جي تانن وانگر مست ڪندڙ هن

ڏاڱو اڄ مان ٽٽي تو
وقت به گذري وڃي تو
۽ هڪ چونڪ تي بيٺل عاشق
ٻيپهريءَ جو ڪنهن علم جي چانو جي هيٺيان
ڪنهن کي ياد ڪري تو.

# بنت بني قابيل

بني قابيل جا معشوق تنهنجا نيڻ مارين ٿا
جيارين ٿا
سچي جڳ جي لبيل جوڻي محبت مان
ذليلن کي مليل ڪوڙي محبت مان
ٻجيءَ جي تور جيڏو پيار ڏين ٿا
۽ وسارين ٿا
بني قابيل جا معشوق تنهنجا نيڻ مارين ٿا.

گليءَ جي خاڪ ۾ لويل منهنجا لڱ
تمنائن سان پريل دل چڻ ڪو زهر پيالو آ
۽ ان جي زخم تي مهتڻ جي لئہ اڄ لوڻ آلو آ.

انا تنهنجيءَ جو جهندبو ويڙهيل آ جسم منهنجي تي
پڇين ٿو تون تہ دفناياڻ۾ سڙندين يا ٻڏي مرندين
چوان ٿو، گهور تنهنجيءَ جي ڏيڻ مونکي ڳهي ٿي پئي.

سزا جا آخري جملا اچارين ٿا
نهارين ٿا،
بني قابيل جا معشوق تنهنجا نيڻ مارين ٿا.

# تون مون کي....

تون مونکي ياد سدا لاءِ رهجي وئي آهين
مان توکي اڄ به ايئين پيار مان نهاريان ٿو
جيئين ڪو ٻالپڻي جي حسين ڏينهن کي
ويهي، ۽ ياد ڪري، مسڪرائي بي اختيار.

تون مون کي ياد سدا لاءِ رهجي وئي آهين
جيئين ڪو پوڙهو ڪري ياد جواني پنهنجي
۽ ان جي سيني جي وارن ۾ پسينو مهڪي
۽ ڪن پلڪ ۾ انهيءَ وقت ۾ وڃي پهچي
جڏهن هو آئيني کي پاڻ هرتو وٽندو هو.

تون مونکي ياد سدا لاءِ رهجي وئي آهين
جيئين ڪو موت جي بستر تي پويان ساهه کڻي
۽ سڀ گناهه انهيءَ کي اچن ذهن تي تري.

تون ڪنهن گناهه جيان ڪنهن مهل تي ياد اچين
ڪڏهن اچين تي جوانيءَ جي کهنبي آنچل ۾
۽ تون اچين تي ايئين ياد، ڪوئي رانديڪو
جيئين ملي وڃي سامان ڪوئي ڳولهيندي.

# روزو

مونکي مولا نوازيو آهي
نعمتون سڀ سلهاڙيل آهن
نور ڀي آهي، ساڻ تون ڀي آن
تون جا رهندي ٻه مون کان دور آهين
پوءِ ٻه منهنجي نظر جو نور آهين

تنهنجو آواز نعمتن جيان آ
توکي جنهن ڏينهن مان نہ تو سوچيان
تنهنجو آواز جي نہ تو ٻڌجي
سو سڄو ڏينهن فاقہ مستي آ
ڇڻ سڄو ڏينهن مان رهيس بک تي
ڇڻ سڄو ڏينهن پياس تي گذريو.

اڄ ٻہ توکي نہ مون ٻڌو آهي
اڄ ٻہ روزي تي مان رهيو آهيان.

# نظم

دل تانگهبي بہ آهي سهڻن سان گڏ هجڻ لئہ
سهڻن جي ساٿ ڪان ير ڪجهہ ڇرڪندا بہ آهيون

ورچي وندي ورهائي
جهولي ڇندي وجون ٽا
سيني دلين کي پنهنجي
دل سان ڳنڍي وجون ٽا

وڇڙي، روئڻ سان گڏ گڏ
ڪجهہ مرڪندا بہ آهيون

اتڪل نہ ڪائي آهي
دل وقت ڪيئن ڪاٽي
سورن جو سمند سامهون
دلڙي پيئي ٽي ڦاٽي

سيني جا سور سيني
منجهہ سرڪندا بہ آهيون.

# نظم

پتن جي خشڪ ٽڻ جي وارتا ڪي
اسان پي ريگزار زندگيءَ ۾
ڪڏهن سنجيدگيءَ سان ناهه سوچيو

اسان ڪنهن خشڪ پتي جي بدن تي
ڪوئي نالو لکيو هو، ها ! لکيو هو
۽ تنهنجي ياد جي آئي انهيءَ ڏي
عجب وارفتگيءَ مان موڪليو هو

اسان رابيل جي مکڙي ڪنئي هئي
۽ ان جو واس من ۾ اوتيو هو
۽ تنهنجي ساهه جي خوشبوءِ جهڙو
ڪوئي وشواس من ۾ اوتيو هو

اگڻ ۾ رات راڻيءَ جي مهڪ هئي
۽ تنهنجي درشنن جا دان ها جي
اسان جي زندگيءَ تي چو لڻايو
پرين خوابن سندا مهمان ها جي

اسان دوريءَ اوهان جيءَ لاءِ سهڻا
۽ پنهنجي زرد پتن جهڙي تن تي
صليبن تي مسيحائن تي سهڻا
ڪڏهن سنجيدگيءَ سان ناهه سوچيو.

# نظم

ڪيمخواب جيون مان
خار خار رستن تي نازنين ڪيئن ايندي؟

هوءَ ڇوڪري جنهن جي زلف رات راڻي هئي
چانڊنيءَ کي جنهن جوڀن ٽوررُو عطا ڪيو هو
ان جو هجر ڇڻ منهنجي
روح جي اکين ۾ اڄ
ڪک وانگي ٿي ويو آ.

پر بهار سپنن جون
بي بهار ساپيائون
سانت سانت سوچن جون
بي قرار ساپيائون
شجر بي ثمر وانگيان
بي ثمر تمانائون
سڀ اسان جي راهن ۾ رنڊڪون بڻيون آهن.

ڪيمخواب جيان جيون
پل ته شال ماڻي هوءَ
خار خار رستن تي
پل نه هوءَ هلي پوءِ پي
عشق جي امامت ۾ آءُ مقتدي هوندس
هوءَ برهما هوندي!!!!

# يونيورسٽيءَ جي آخري ڏينهن تي هم ڪلاسين ڏانهن

هي سنسار يارو ڇڏيندي ڇڏيندي
اسان جو اڪيون نيٺ ڇلڪي پيون هن
اوهان جي محبت جا مشڪور آهيون
اوهان جي محبت ۾ ڀرپور آهيون

مگر ڇا ڪجي جو هي قانون آهي
ملي ۽ ملي وڇڙڻ جا بهانا
نئين سج سهسين ٿهن ۽ ڊهن ٿا
انهيءَ دل جي دستور جي هڪ ڪڙي آ
زهر وانگي توٽي جو ڏادي ڪڙي آ
اسان جي وڇوڙي جي آئي گهڙي آ.

جڏهن تون نہ هوندين، جڏهن مان نہ هوندس
هي وڻ ٽڻ، هي بئنچون، هي ماحول سارو
اسان کان سوا هي بہ ٿيندو ڏکارو
جڏهن ٿهڪ پنهنجا نہ هوندا، هوائون
وڻن جي بدن سان لڳي زخمي ٿينديون
نہ هوندا اوهان جا هي چانديءَ جا والا
نہ هوندا اسان جا هي جهمريون جمالا
تڏهن پڪ موسم خزان جي ئي هوندي

وڇوڙا مقدر خزان جا هوندا
وڇوڙا مقدر وفائن جا هوندا
سزا جن خطائن جي هوندي وڇوڙو
وڇوڙا مقدر خطائن جا هوندا

جڏهن ياد اوهان جي اسان ڏي جو ايندي
ته ساوڻ کي ڏس اکڙين جو ئي ڏيندي
مگر دل دريون سيئي کولي ڇڏيندي
سياندو لڱن ۾ ڊڪي ويندو جڏهين
ته ناسور دل جا کلي پوندا هڪدم

ڇا مان پي اوهان کي ايئين ياد ايندس؟
اوهان منهنجي لئه چند گهڙيون ۾ ٻه ڳوڙها
پنهنجي هن خزاني مان خيرات ڏيندئو؟
اوهان کان ڪتڻ دل جو ارمان ناهي
مگر مهرباني ڪري مات ڏيندئو؟

اهي ئي وڇوڙا زهر تي ويا هن
اها زهر ڏاڍي ڪڙي آ ڪڙي آ
مگر الوداع پوءِ به چوڻو ئي پوندو
مٿان هيءَ وڇوڙي جي آئي گهڙي آ.

# خط

توکي آهيان!
تون ڪيئن آهين هيل؟؟

توکي شايد ٻڌي خوشي ٿيندي
زندگيءَ کي جيئڻ لڳو آهيان.

مونکي تنهنجي صلاح تي گهرجي
ڪيئن موٽايان شعر جي شوخي
ڪيئن لفظن ۾ آڻيان رنگ پريان
تون تہ حڪمن ڏيڻ جي آن شوقين
توکي ڪهڙي خبر تہ جيون کي
حڪم ڪيڏو نہ ڪن پيا اوکو.

آءٌ خوش آهيان مگر اڄ ڪلهہ
ٿيڊي بيئر کي ڪجهہ بخار آهي
تنهنجي چوڙين جا رنگ اڏامي ويا

جيڪي چٽنگائي تيلين جا دٻا
پر کان پر سال تو ڏنا مونکي
پار چورائي ويا هن ڪمري مان

تون ٻڌاءِ تنهنجي ننڍڙي ڪيئن آهي؟
توکي تڪليف ڪجهه ته ٿي هوندي
روز جي پرت، ٿاڪيء، سودي مان
وقت مشڪل ڪڍي سگهي هوندينءَ

جيءُ جيئري جهنمي ٿيو آ
رات جو روز تنهنجي يادن ۾
ساهه ڪٽجي ٿو
ڏينهن جيئجي ٿو

روز سوچيان پيو ڪيسين هيئن جيئبو
پاڻ سان، پاڻ ساڻ وارن سان
ڪيسين دوڪا ڪباءِ پيو ڪلبو
وقت جي وير ۾ مچيءَ وانگيان
جيئبو پيء، مگر نه جي سگهبو

ڇو جو رنگ، ٺهڪ، بي فڪر ڳالهيون
ساڻ پنهنجي ڪٽي وئي آهين

زندگي ٿي وئي مهانگي آ
تو بنا آءٌ ٿي ويو مفلس هان...

# وقت هڪ مونولاگ.

وقت استاد فلسفي جو آ
۽ شاگرد ڪچي پهرين جو

علم هڪڙي عظيم دولت آ
وقت ضايع نہ ڪرڻ جي شيءِ آ
دوست آهن سٺا ڪتاب سيئي
پنهنجو رستو هلڻ ڪان اڳ ۾ ئي،
طئہ ڪرڻ هڪ وڏي سياڻپ آ
هڪڙي ترتيب هر عمل ۾ هجي

منهنجا استاد!
مونکي معاف ڪجانءِ
۽ عالم نہ ٿي سگهيو آهيان
زندگي منهنجي آ فقيرن سان
منهنجو ڪوئي عمل ڪئليندر جي
متحت ڪونہ ٿي سگهيو آهي.

پئسو مون ڪان ڪتو نہ تي سگهندو
تيڪ آ طئہ تيل عمل اڪثر
فائديمند تي بہ سگهندا هن
منهنجا استاد! مان ڳهيلو هان
مونکي پنهنجي فقر سان پيار آهي.

ڪائنات هن سڄيءَ جي ڪهڙي شيءِ
پنهنجي ترتيب ۾ رکيل آهي؟؟؟؟؟
مان تہ هڪڙو نندو جزو آهيان.

# نظم

گڏ گذاريو سي هڪڙو پهردوستو
زندگي پي ايئين مختصر دوستو
ڪجھ نمڪ اڪ ۾ لڙڪ جي نانو تي
نور ۾ تي ويو هو زهر دوستو

ان زهر ها رڳن ۾ پئي نالا لکيا
جنهن ۾ صورت جي ليکي چڙهيا سين چکيا
تنهن ڏني ڪانہ هئي ڪجھ گهڙين جي بکيا
تن ڏڪاري ڪديو پنهنجي در دوستو.

ڪجھ انهن کي بہ رکڻي هئي لوڪ سان
جن اسان کي هو چوندي ڪنيو شوق سان
وينتي پئي ڪئي ڪالھ تن ٽوڪ سان
شاعرو ! اي چريئو
عاشقو! اٿ گهريئو
گهرج ڪانهي اسان کي اوهان جي، وجو
جي صبح تا وجو، اڄ سانجهيءَ وجو

بيقراري بہ هئي بي ريا يار جي
مون اکين سان مچي التجا يار جي
شل پڇاڙي نہ ٿئي ڪنهن طرح پيار جي
هي شمع پئي جلي تا سحر دوستو!

# شطرنج

آءٌ آهيان بساط شطرنج جي
واسطيدار منهنجا سڀ مهرا
مون تي ڪيڏن، منهنجي سيني تي
قتل گاهون ٿين مگر سهٽا
سڀ مهرا چڏيا هٽائي مون

تنهنجي نالي جو بادشاهه مون تي
منهنجي سڀ ڪجهه جو حڪمران آهي

آءٌ آهيان بساط شطرنج جي.

# نظم

مون بدن جي هر حصي ۾ شور کي محسوس ڪيو
پيار ۾ مان چوني پاڻيءَ جيان اڀاميو آهيان

مو جڏهن پهريون دفعو تو کي ڏٺو بازار ۾
ايئن لڳو جيئن ڪنهن پکيءَ آزاد ٿيڻ چاهيو هجي
ايئن لڳو جيئن ناوَ لهرن لاءِ چڻ آتي هجي
دل جي مون زنجير کي کولي ڇڏيو بازار ۾.

هونئن تنهنجي حسن چئني طرف پوڙان پوڙ ڪئي
دل ڪڪائون گهر هئي جيڪا لڙهي وئي سير ۾
سونهن جي سيلاب دل تي ڏاڍي گلڪاري ڪئي
سات تنهنجو ايئن مليو چڻ ڦٽ پئجي نير ۾

ڪنهن ڪنيو تي ڪجهه ته ڪنهن تي ڪا خريداري ڪئي
دل جي ميلي ۾ وکر هر قسم جو هو، جام هو
پر مون جنهن لئه هي سڄو ميلو مچايو هو، نه هو
خاص جيڪو هو نه آيو، باقي مون لئه عام هو.

هيءَ ڪهڙي آهي ويڌن، تو رهان پر ۾ سندءِ
پر نه ڪو تون تي ملين ويجهو نه آ تنهنجو هڳاءُ
مان گهٽيون تنهنجي محلي جون لتاڙيان تو پيو
ڪونه تي محسوس ٿين ۽ ڪونه آ تنهنجو ڇهاءُ

مان سياري جي ڏکين راتين ۾ تنهنجي لاءِ ڇڻ
ڪنهن چڪوريءَ جيان رليو آهيان، اڏاميو آهيان
مون بدن جي هر حصي ۾ شور ڪي محسوس ڪيو
پيار ۾ مان چوني پاٽيءَ جيان ايااميو آهيان.

# نظم

هونئن تہ دل جي قبر مٿان
مون هر موسم جا گل چاڙهيا ها
ڳاڙها گلڙا، خون سمان
تنهنجي لهجي جهڙا ڳاڙها
۽ تنهنجي پوشاڪ جيان
ڪڏهن نرم دل
۽ ڪڏهين ساهن لئہ سوري

پر هن رت ۾
پنهنجا ڏک ان قابل ناهن
ڳاڙها گل رسي ويا آهن
پنهنجو کهنبو هٿ ڇڏائي

اڄ دل جي شمشان ۾ آيا
هوريان هوريان پيلا گل ۽
نرميءَ سان وڪري ويا منهنجي
هجر جي ڪارن زخمن تي

درد هميشہ منهنجو ساٿي رهندو آيو
درد هميشہ نرم رهيو آ منهنجي لاءِ.

# Elegy II

اڄ رات هن جي واپسي آ شهر جي منجهان
شآيد هي شهر رهڻ جي قابل رهيو نہ هو
گل کي لڳي جو تيز هوا ۽ ڇڻي پوي
نَنڍڙي عمر ۾ هڪڙو زخم ئي گهڻو هيو

اڄ رات ڪنهن بہ پهر بنا الوداع جي هو
نَنڍپڻ جي سڀ گهڙين کي ڇڏي، ياد کي ڇڏي
ويندو وري ڪڏهن نہ اچڻ جو قسم کڻي

اکڙين مان جو وهي آ هلي هيءَ سياهہ ندي
ويندڙ مسافرن جي وفائن جي ياد ۾
بي انت وهندي ۽ نہ ڪٿي ڇيهہ ئي ڪندي

هن جي قريب جو بہ رهيو، عام ئي رهيو
هو ڪنهن بہ عام ذهنن جيان عام ئي تہ هو
سيني تي سمجهيو تہ سج روز ايرندو
هن جي حيات ڪنهن بہ نديءَ جيان بيهڻي نہ آ

اڄ شام سج ٻڏو تہ لڳو دل ٻڏي وئي
هو ڪونہ آ، هو ڪونہ آ ڪنهن وڻ ڪيو پريان
هن کي ڏسي نہ سامهون ڏرتي ڏڏي وئي

اعلان قافلي جي هلڻ جو ٿئي پيو
شايد هو ڪنهن به پل ۾ ڪٽي روشني وڃي
منهنجو وجود راهه ۾ آ ڏوڙ ٿي ويو
شايد هو پنهنجو پاڻ سان مونکي ڪٽي وڃي

جي ايئن ٿئي ته منهنجي سڦل ٿي وڃي حيات
منهنجو وجود هن جي خزان ۾ ڇٽي وڃي.

# نظم

هي ملاقاتن جي ڪهڙي انتها آ
مون تہ چاهيو هو تہ ڪندي مرڪندي ئي الوداع ٿئي
اجنبي موسم ۾ جيڪي ابتدائون ٿيون هيون
انتها تن جي خزان جي هئڊي موسم ۾
گلابي ڳالهين جي وچ ۾ ٿئي.

تو تہ سانئڻ اڻ لکيل انجام کي
پلڪن سان پنهنجي آهي ڍاهيو
مونکي منهنجي اکين ۾گڏ ٿيل
هڪ ڏک ۽ حسرت جي ڪندن اوچتو جاڳائيو هو.

مان جڏهن جاڳيس
اڊيپس جو سمورو ڏک نيڻن ۾ ڏٺم
ڪيئن سيزر موت جي لمحي بروٽس ڏي ڏٺو هو
ان لمحي جي سموري ڪيفيت مون پاڻ ۾ محسوس
ڪئي هئي

كاش تون ۽ مان ۾ تنهنجا ڏک
سيزر ۽ اديپس کان بہ اڳ ۾ ئي چمن ها
ايئن ٿئي ها، پوءِ دنيا ۾ ڪوئي بي ڏوهہ محبت ۾ مري ها
توکي مونکي ياد سڀ ڪو ڪري ها.

Oedipus: Oedipus Rex, the hero of classic Greek Tragedy by Sophocles
Caeser: Julius Caeser, the hero of Shakespearean Tragedy
Oedipus: The villain of the Shakespearean tragedy.

# موت

زندگيءَ روشنيءَ جي ڪک ۾
موت ڄڻ زهر آ يا خنجر آ
ڪنهن جو پالهو نه پاند آ ٽيڙو
موت هر جيو جو مقدر آ

موت هڪ سپ وانگي آهي جنهن
هڪڙو قطرو ڇٽي ڇڏيو آهي
تنهنجو پل پل سان قوليل ڪوئي
ڄڻ ته واعدو ٽِتِي پيو آهي
زندگي! تنهنجي راهه جو سانئڻ!!
هڪڙو پانڌي ڪٽي پيو آهي.

تنهنجي سهٽي، صبيح ڇهري ۽
هڪڙي عاشق جي اکڙين وچ ۾
ڪارو پردو اچي ويو آهي.

# نظم هجرت تحريڪ جي حوالي سان.

هڪ هجرت سنڌڙيءَ آهي ڪئي
سئو هجرت سنڌڙيءَ آهي سٺي

هڪ جان محمد جوڻيجو
سئو سنڌي بي ساماڻ مگر
ها تن سان گڏ ايمان مگر
افغان هئا دگران مگر

اسلام جي نالي هجرت هئي
ايمان جي نالي هجرت هئي
پر افغانن اسلامن کي اسلام نہ ڪيو
پر افغانن ايمانن تي ايمان نہ ڪيو
۽ افغانن مهمانن کي مهمان نہ ڪيو

اڄ ساڳيا ازبڪ تاجڪ هن
جي دين جي نالي جي بدران
هت پيٽ جي نالي آيا هن
تن ماڻهن ڏي، جن ماڻهن کي
قندار ڪڏهن پنهنجو نہ چيو
قندار ڪڏهن پنهنجو نہ ڪيو.

# تنهائي

ڪنهن ذريعي معلوم ٿيو آ
منهنجي تنهنائي تنهنجي لئہ اڄ بہ پرولي بڻيل آهي

تنهنجي وئي وڇوڙو آيو
سرءُ جون ڪاريون راتيون منهنجي تنهائيءَ جون ساڪي آهن
توکي ڪيئن محسوس ڪرايان، تنهائي ڪيئن هوندي آهي

ريلوي يارڊ ۾ ڪنهن خزان جي ٽيپهريءَ جو ويندينءَ ، توکي
زنگاليل ۽ ختم ٿيل ڪجهہ گڏس ٽرين جا ڊبا ملندا
اونهاري ۾ تن تي ڪجهہ وڻ چانو ڪيون بيٺا هوندا هن
اڄ ڪلهہ انهن وڻن جون ٽاريون
ڪنهن بيواهہ جي ٻڌين ٻانهن وانگر خالي خالي آهن
تون ڪنهن شام ڏسي اچ سڀ ڪجهہ.

منهنجي تنهائي تنهنجي لئہ جيڪا هڪ پرولي آهي
تنهن جا سڀ جواب انهيءَ منظر ۾ توکي ملندا ويندا
مان زنگاليل ناڪاره بوگين وانگر بيٺو رهيو هان

ياد اٿئي پر اونهاري ۾
تو مون تي ڪجهہ چانو ڪئي هئي

تنھنجي وئي پوءِ ڪنھن ماٽيلي ماءُ جيان موسم سرءُ جي
چانو ڪسي بيگانن وانگيان وچ پڌر تي اڇلي وئي آ

توٽي پن ڇٽي ويا آھن ٿاريون پوءِ پيي قائم آھن
ٿاريون تنھنجون يادون آھن
جيڪي مون ۾ قائم آھن.

# منڊپ

مون هڪ منڊپ جوڙيو آهي
جنهن ۾ پيلا گل ڪٽل هن
پنهنجا سارا ڏک ڏئي وڃ
صحرائي طوفان پڇاڙن
سهڻي نخلستان پڇاڙن
ڪا ساڙيندڙ لڪ ڏئي وڃ
واءُ ۾ غم گهلي ويندو آ
پيلو رنگ ملي ويندو آ.

مون هڪ منڊپ جوڙيو آهي
جنهن ۾ ڳاڙهو رنگ ڪٽل آ
ڳاڙها ڳوڙها پل ڏئي وڃ
۽ مڌ ماتا ڳل ڏئي وڃ
ڪجهه گلابن هار ڪپن ٿا
مونکي سڀ بهار ڪپن ٿا

مون هڪ منڊپ جوڙيو آهي
جنهن ۾ هر شيءِ آهي مڪمل

بس هڪ منهنجو يار ڪٿل آ
جنهن لئہ مندپ جوڙيو آهي
تنهن جي من جي اونهائين ۾
موهن، سندر پيار ڪٿل آ
۽ هن بن هڪ شاعر من ۾
ڪوئي سرجٹهار ڪٿل آ

باقي هر شيءِ آهي مڪمل.

# نظم

مون توڏي هڪڙو خط لکيو
پر لکندي هيءَ نہ هو ڄاتو
تون گوري ڪيڏي پوري آن
مون توکان تنهنجو پيار پڇيو
۽ موٽ ۾ پنهنجي خط اندر
تو پنهنجي دلڙيءَ جو ڏڙڪو
۽ ڏاڍو موھ مڪو آهي

مون سيڪجهہ توڏي لکيو هو
پهرينءَ نظر ۾ ڪيئن لڳينءَ
تون جاڳ پهر ۾ ڪيئن لڳينءَ
تون ڏينهن ڏٺي جو قول مٺي
پر ننڊ ڳهر ۾ ڪيئن لڳينءَ
۽ چريائيءَ ۽ چاڳ وچان
تو پنهنجي ساهن جو سهڪو
۽ ڏاڍو موھ مڪو آهي

مان ڪيڏو تنها تنها آن
اڄ پنهنجي لهرن ويرن ۾
تون ڪيڏي هيکل هيکل آن
دل جي سنسان جزيرن ۾

مون توڏي پريم پتر جي اندر
هڪ تنها چوليءَ جو چلڪو تہ اماڻيو هو
تو ين نيڻ جي ويراني
هڪ سرمئي سانجهيءَ جو لمحو
۽ تنهائيءَ جي الڪن مان
ڪو پنهنجي اندر جو الڪو
۽ ڏاڍو موهہ مکو آهي.

# ڪجھ ننڍا نظم

گل، گلدان ۾ پيو آهي
ڪير ڏانديءَ جي ڏک کي سمجهي؟
ڪيسيتائين جهڪيل ڇپي رهندي؟؟

حسن، خوشبو، زمين، هي آڪاش
آءٌ آهيان تہ هيءُ سڀ ڪجھ آ،
آءٌ تنهنجي وجود جو پرڪاش !!

هيءَ ڊسمبر جي شام ساڳي آ،
۽ ٽيپهري، ڪجين جا پاچا پيا،
هاءِ پر، هوءَ جا ڪٿي آهي؟؟؟

مدتن بعد ڳوٺ ويو آهيان،
تنهنجا، ننيڙا، ڇڳل، سنهري وار،
اڄ بہ ساڳي ڪجيءَ ۾ پيا آهن!!!

# قطعا

تون ساڻ آن تہ راتيون رنگين ٿيون لڳن

ڳالهائين تي تہ ڳالهيون سنگين ٿيون لڳن

پر ۾ ويهين تي تہ تازو چڙ ايمان تو ٿئي

ناهين جي تون تہ هي اکيون بي دين ٿيون لڳن

ان راھہ کان سوا سجھي کا بي نہ پي ڏٺم
طبيعت ھئي اداس ۽ غمگين پي ڏٺم
ڳوڙھا ڪريا تہ جام ڪجھ نمڪين تي وين
پھريون دفعو شراب کي نمڪين پي ڏٺم.

لڳن جي رت سان نپائي مون پيار آهي ڪيو
۽ تون چوين ٿو سڄڻ چو لڳن تي ماس نہ آ؟
اجا نہ عشق جهليو پور آ جو تون ناهين
۽ دل جو گل نہ ٽڙيو آ جو تنهنجو واس نہ آ.



# عبدالقدير انصاري

Web:www.sascitysukkur.com E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com